# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

## سال 2023ع جا ايوارڊ ڏيڻ لاءِ ڪتاب ۽ ٻيو مواد گهرائڻ جو اعلان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سال 2023ع ۾ ڇپيل ڪتابن/ مقالن/ ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي داخلا لاءِ ڪيل اڳڀراين تي ايوارڊن جو اعلان ڪجي ٿو:

**پهريون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي: لسانيات، ٻوليءَ جي تحقيق، لغت سازي، گرامر، لهجن ۽ سنڌو لکت (Indus Script) تي ڇاڻايل سالن ۾ ڇپيل ڪتاب.

**ٻيو ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ بابت پاڪستان سميت دنيا جي ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب

**ٽيون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن ٻه نئين ۽ منفرد موضوع تي ڇپيل تحقيقي مقالو: (لازمي طور هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي تصديق ٿيل تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل هجي)

**چوٿون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرنيٽ تي ڪابه ايپليڪيشن، سافٽ ويئر، گيم يا سنڌي ڪمپيوٽنگ ۾ نئين اڳڀرائي.

**شرط:**

1. سال **2023ع** دوران ڇپيل ڪتابن جون پنج ڪاپيون، شايع ٿيل مقالي جي تحقيقي جرنل جون پنج ڪاپيون ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺهيل سافٽ ويئر، ايپليڪيشنز ۽ گيم جي سورس فائيل جون ڊي وي ڊيز اداري کي موڪلڻيون پونديون، جيڪي ناقابل واپسي هونديون ۽ انهن لاءِ ڪوبه معاوضو نه ڏنو ويندو.
2. اهڙو ڪوبه ڪتاب هن مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندو، جنهن ۾ ملڪ/ قوم يا مذهب جي خلاف يا شخصي طور ڪنهن تي ذاتي تنقيد ٿيل هوندي، علمي بنيادن تي نظرياتي بحث هن ڳالهه کان آجو هوندو.
3. موڪليل ڪتاب/ مقالا/ سافٽ ويئر ڊي وي ڊيز واپسيءَ جوڳا نه هوندا، جن لاءِ ڪوبه معاوضو نه ڏنو ويندو.
4. اداري جي مقرر ڪيل ڪميٽي طرفان ڪتاب/ مقالا/ ڊي وي ڊيز معزز ججن کي موڪليون وينديون. ججن جو فيصلو حتمي هوندو جنهن کي ڪٿي به چئلينج نٿو ڪري سگهجي.
5. ڪتاب، مقالي ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ جي آخري تاريخ **28 فيبروري 2024ع** آهي. ان تاريخ کان پوءِ ايندڙ ڪتاب، مقالا ۽ سافٽ ويئر ڊي وي ڊيز مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندا.
6. هي اشتهار اداري جي ويب سائيٽ www.sindhila.org تي به ڏسي سگهجي ٿو.

**ڊاڪٽر احسان دانش**
سيڪريٽري

**ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرمئن


**ڪتاب/ مقالا ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ لاءِ پتو:**

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيارو ادارو،
نيشنل هاءِ وي، قاسم آباد، حيدرآباد
رابطو: 022_9240053